# استقامت

## ڪاميابي جو راز آهي

**19-December-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# استقامت ڪاميابي جو راز آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِاڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: توهان پنهنجي مَجلسن کي مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، ڇوتہ توهان جو مون تي دُرُود پڙهڻ بَروزِ قِيامت توهان جي لاءِ نُور ٿيندو. (جامع صغير، ص۲۸۰، حديث :۴۵۸۰)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سدا میں
اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سُٺيون سُٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني

مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاميابي اهڙي منزل آهي جنهن جي خواهش هر اِنسان جي دل ۾ هوندي آهي، دُنياوي مُعاملا هجن يا آخرت جا مُعاملا، مطلب تہ! هر هڪ زندگي جي هر موڙ تي ڪامياب ٿيڻ چاهي ٿو ۽ اهو سوچيندو آهي تہ ڪاميابي ان جا قدم چمي، ڪڏهن بہ نا ڪامي ان جو مقدر نہ بڻجي. ياد رکو! ڪنهن بہ مَقصد ۾ ڪاميابي جي لاءِ **اِستقامت** حاصل ڪرڻ ضروري آهي، اڄ جي بيان ۾ اسان **اِستقامت** ڇا آهي؟ ڪاميابي جي لاءِ **اِستقامت** ڇو ضروري آهي؟ **اِستقامت** حاصل ڪرڻ جا فائدا، قُرآنِ ڪريم ۽ حديث سڳورين ۾ **اِستقامت** حاصل ڪرڻ جا طريقا، الله وارن جي **اِستقامت** جا واقعا ۽ **اِستقامت** جي راهہ ۾ حائل ٿيڻ وارين رڪاوٽن بابت ٻڌنداسين، الله پاڪ اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن ۽ مڪمل توجهہ سان ٻڌڻ نصيب فرمائي. آمِينْ بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِينْ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ

اچو! سڀ ڪان پهريان هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## هڪ جان ڇا، جي هجن ها هزارين

صحابي رسول، حضرت عبدُ الله بن حُذافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي غيرمسلم رومين قيد ڪري پنهنجي بادشاه اڳيان وٺي آيا ته بادشاه چيو: توهان پنهنجي دين کي ڇڏي ڏيو، مان توهان کي پنهنجي بادشاهت ۾ شريڪ ڪندس، پنهنجي ڌيءُ جو نڪاح توسان ڪندس، ته حضرتِ عبدالله بن حُذافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جواب ڏنو: جيڪڏهن تون پنهنجي سڄي بادشاهت به مون کي ڏئي ڇڏين، تڏهن به مان اک ڇنڀ برابر پنهنجي دين کان نه ڦرندس، ته ان غير مسلم بادشاه چيو: پوءِ توهان کي قتل ڪندس، حضرت عبد الله بن حُذافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جواب ڏنو: اهو تو کي اختيار آهي، ته بادشاه جي حڪم تي تير اندازن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هٿ، پير ۽ جسم تي تير وسائڻ شروع ڪري ڇڏيا ۽ هر هر اهو چوندو رهيو ته اجا به مهلت اٿئي پنهنجي دين کي ڇڏي ڏيو، پر صَبرو اِستقلال جي پيڪر، حضرت عبدُالله بن حُذافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائيندا رهيا ڪڏهن به نه. نيٺ بادشاه حڪم ڏنو: ان کي سوليءَ تان لاهيو ۽ پتل جي ٻٽيل ديڳ ۾ تيل وجهي باه تي رکيو وڃي، جڏهن ديڳ ۾ تيل ٽهڪڻ لڳو ته بادشاه هڪ مسلمان قيدي جي باري ۾ حڪم ڏنو ته ان کي ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهي ڇڏيو. ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سامهون ان مسلمان قيدي کي ٽهڪندڙ تيل ۾ وڌو ويو جنهن سان گوشت سڙي ويو ۽ هڏيون تيل ۾ ترڻ لڳيون. ان کان پوءِ بادشاه ٻيهر حضرت عبدالله بن حُذافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي چيو: هاڻي اسان جو مذهب قبول ڪري وٺو، نه ته انهيءَ باه جي ديڳ ۾ توکي به وجهي ساڙيو ويندو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ وري پنهنجي ايماني جوش سان ڪم وٺي فرمايو: مان پنهنجي دين کي هرگز نه ڇڏيندس. بادشاه حڪم ڏنو: انهن کي هن ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهي ڇڏيو،

جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي باه جي ديڳ ۾ وجهڻ جي لاءِ کنيو ويو ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا، بادشاه اهو ڏسي چيو ”انهن کي مون وٽ

آٽيو“. شايد باھ کي ڏسي هاٿي ان جا خيالات بدلجي وڃن ۽ منهنجي ڳالھ مڃي وٺي، پر بادشاھ جي اها تمنا ۽ سوچ بي فائده نڪتي. چوٿون پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايائون: مان باھ جي ڏپ کان ناهيان روئي رهيو، بلڪ مان ته ان ڪري روئي رهيو آهيان جو هاءِ! اڄ هڪ ئي جان آهي، جنهن کي راھ خُدا ۾ قُربان ڪري رهيو آهيان، ڪاش جو منهنجي جسم جي هر هر حصي ۾ هڪ هڪ جان هجي ها ۽ اهي سڀئي جانيون مان راھِ خُدا ۾ هڪ هڪ ڪري قربان ڪيان ها.
(تفسير ابن ڪثير، پ۱۴، النحل،تحت الاية:۱۰۶، ۵۲۱/۴)

تِرے نام پر سر کو قربان کر کے ‏ ‏ ‏ تِرے سر سے صدقہ اتارا کروں میں
یہ اِک جان کیا ہے اگر ہوں کروروں ‏ ‏ ‏ ترے نام پر سب کو وارا کروں میں

(سامانِ بخشش،ص۱۵۲)

اي عاشقانِ صحابه! اوهان ٻڌو ته حضرت عبدُاللّٰہ بن حُذَافَہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ايمان تي اِستقامت جو ڪيترو زبردست مظاهرو ڪيو، ٿورو سوچيو! جڏهن جسم تي تير وسايا پئي وڃن هٿ، پير ۽ جسم کي زخمن سان ڇَنيو پئي ويو، نگاهن جي اڳيان باھ تي ٽهڪندڙ تيل ۾ ڪنهن کي وڌو پئي ويو ته دنيا جو وڏي کان وڏو طاقتور انسان به شايد ثابت قدم نه رهي سگهي، پر قُربان وڃجي! حضرت عبدُاللّٰہ بن حُذَافَہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي اِستقامت تي جو جنهن ۾ ذري برابر به ڪا ڪمي نه آئي، نه انهن غير مسلمن جون ڌمڪيون ڪيس کي ديڄاري سگهيون، نه ئي قيد و بند جون تڪليفون ايمان کان ڦيرائي سگهيون. حق ۽ صَدَاقت جو پيڪر مصيبتن جي ڪارن ڪارن ڪڪرن کان بالڪل نه گهبرايو، خُدا ۽ مصطَفٰي سان سچي محبت ڪرڻ واري سچي عاشق دنيا جي آفتن جي بلڪل به پرواھ نه ڪئي. بلڪ هن راھ ۾ پهچڻ واري هر مصيبت جو خوش دلي سان خير مقدم ڪيائون، دنيا جي مال ۽ حُسن و جمال جو لالچ به سندن جي استقامت ۾ ڪا ڪمي نه آڻي سگهيو جو پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اسلام جي خاطر دنياوي راحتن کي نوڪر هنئي ۽ بادشاھ کي عشق و محبّت سان ڀرپور اهڙو خوبصورت جواب

ڏنائون جو **”هيءَ تہ هڪ جان آهي جيڪڏهن منهنجي جسم جي هر هر حصي ۾ هڪ هڪ جان هجي ها تہ بہ انهن کي راهِ خدا ۾ قربان ڪيان ها“** جنهن کي ٻڌي بادشاھ بہ حيران ۽ پريشان ٿي ويو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ انهن اللہ وارن کي دين ۽ ايمان تي ڪيتري **استقامت** حاصل هئي، تنهنڪري اسان کي بہ انهن ڪمن ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ گهرجي، جن ۾ اللہ پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا هجي، ❖ انهن ڪمن ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي هجي، ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جن ۾ دينِ اسلام جي سر بلندي هجي، ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جو جنهن ۾ دُنيا ۾ اچڻ جو مقصد حاصل ٿي سگهي، ❖ اسان کي **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ گهرجي، جن ۾ مُلڪ و مِلّت جو فائدو هجي، ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪي سنّتن جي ڦهلائڻ جا سبب بڻجن. ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪي نيڪين ڏانهن ڪٺي وڃڻ وارا هجن، ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪي مسلمانن کي گناهن کان بچائڻ جو سبب بڻجن، ❖ **استقامت** انهن ڪمن ۾ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪي اسان جي ايمان کي مضبوط ڪن، ڇوتہ

اها ئي **استقامت** حقيقت ۾ ڪاميابي جو راز آهي، اها ئي **استقامت** خوف ۽ غم ٻنهي کان رهائي جو وسيلو آهي، اها ئي **استقامت** جنت ۾ وڃي وڃڻ جو سبب آهي، اها ئي **استقامت** ايمان جو بنياد آهي، اها ئي **استقامت** اهڙي دولت آهي جنهن جي برڪت سان دنيا ۾ عزت ۽ شرف ۽ آخرت ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي، اها ئي **اِستقامت** جنت ۾ داخلي جو وسيلو بڻجندي آهي.

الله ڪريم سيپاري 24 سوره حم اَلسَّجدَہ جي آيت نمبر 30 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَیْهِمُ الْمَلٰٓىٕكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِیْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ (۳۰) (پ۲۴، حم السجدۃ:۳۰)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ اهي جن چيو اسان جو رب الله آهي پوءِ ان تي قائم رهيا انهن تي ملائڪ لهندا آهن هي تہ نہ ڊڄو ۽ نہ غمگين ٿيو ۽ توهان کي خوشخبري هجي جنت جي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ٿي ويو

تفسيرِصراطُ الجنان ۾ آهي: بيشڪ اهي ماڻهو جن الله پاڪ جي ربّ هئڻ جو ۽ ان جي وحدانيت جو اقرار ڪندي چيو تہ اسان جو ربّ صرف الله پاڪ آهي، پوءِ اهي ان اقرار ۽ ان جي تقاضائن تي ثابت قدم رهيا انهن تي الله پاڪ جي طرفان ملائڪ لهندا آهن ۽ انهن کي اها بشارت ڏيندي چوندا آهن تہ توهان آخرت ۾ پيش ايندڙ حالات کان نہ ڊڄو ۽ اهل و عيال وغيره مان جيڪو ڪجهہ پوئتي ڇڏي آيا آهيو ان جو غم نہ ڪيو ۽ ان جنّت تي خوش ٿي وڃو جنهن جو توهان کان دنيا ۾ الله پاڪ جي رسولن جي مقدّس زبانن سان واعدو ڪيو ويندو هو. (تفسير صراط الجنان،پ۲۴،حم السجدہ،تحت الآية:۸،۳۰/۶۳۱)

يا الٰہی کر ایسی عنایت دیدے ایمان پر استقامت
تجھ سے عطار کی التجا ہے یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائل بخشش مرمم ،ص۱۳۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيت سڳوري مان اِستقامت جي فضيلت ۽ اهميت معلوم ٿي، جوتہ استقامت ماڻڻ وارن ايمان وارن تي ربّ

ڪريم جا ملائڪ نازل ٿيندا آهن، استقامت ماڻڻ وارو شخص ئي زندگي جي هر شعبي ۾ ترقي حاصل ڪندو آهي. استقامت ماڻڻ وارو شخص ڪڏهن ناڪام ناهي ٿيندو. استقامت ماڻڻ وارو شخص پنهنجي مَحبوب شيءِ جي قرباني ڏيڻ ۾ بہ پوئتي ناهي رهندو. استقامت ماڻڻ وارو شخص پنهنجي پسنديده شين ڪي لُٽائي بہ وفادار رهندو آهي، استقامت ماڻڻ وارو شخص حالات ڏسي گهبرائيندو ناهي، استقامت ماڻڻ وارو شخص تڪليفن جي طوفانن ۾ وڪوڙجي ڪِرندو ناهي. تنهنڪري اسان ڪي گهرجي تہ راهِ حق ڪي اپنائڻ ۽ ان تي ثابت قدم رهڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇوتہ اها ئي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي جو ذريعو آهي. اچو! استقامت جو ذهن ناهن لاءِ ان جي فضيلت جي متعلق بہ فرمانِ مصطفٰي ٻڌون ٿا:

## استقامت جون فضيلتون

ارشاد فرمايائون: توهان ڪان پوءِ صبر جو زمانو ايندو جيڪو شخص ان زماني ۾ دين سان مضبوطي سان چنبڙيل رهندو ان ڪي توهان مان پنجاهہ شهيدن جي برابر اجر ۽ ثواب ملندو. (ڪنزالعمال،ڪتاب الفتن والاهواء،باب الفتن والهرج، جزء۱۱،۶/۵۳، حديث:۳۰۸۴۸ )

حضرت سفيان بن عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪان روايت آهي: مون نبي رحمت، شفيع امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: مون ڪي اسلام جي ڪا اهڙي جامع ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيو جو پوءِ مون ڪي ڪنهن ٻي ڪان ان جي باري ۾ سوال ڪرڻ جي ضرورت نہ رهي. تہ نبي اڪرم، نورِمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قُلْ آمَنْتُ بِاللّٰه ثُمَّ اسْتَقِمْ يعني چئو تہ مان الله تي ايمان آندو پوءِ ان تي ثابت قدم رهو. (مسلم، ڪتاب الايمان، باب جامع أوصاف الاسلام،ص۴۶، حديث:۱۵۹)

**اي عاشقانِ رسول!** ”ايمان“ ۽ **”استقامت“** هڪ ئي حقيقت جون بہ مختلف تعبيرون آهن. ڇوتہ ايمان دعويٰ آهي تہ **استقامت** ان تي دليل آهي. ايمان ربّ ڪريم جي وحدانيت جو اقرار آهي تہ **استقامت** ان جو مظهر آهي. ايمان ربّ ڪريم جي بندگي جو نالو آهي تہ اِستقامت ان جي حقيقي تعبير. ايمان مومن

پانهي جو شان آهي تہ **استقامت** مومن جو وقار آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هر نيڪ ڪم ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. اچو! **استقامت** جي تعريف ٻڌون ٿا تہ **استقامت** ڇاکي ٿو چئجي:

## استقامت جي تعريف

علامہ شريف جُرجاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: گناهن کان بچندي نيڪ عملن جي پابندي ڪرڻ کي **استقامت** چيو ويندو آهي. (التعريفات للجرجاني،باب الالف،تحت اللفظ :الاستقامة، ص٢٠)

## استقامت ڪرامت کان وڌيڪ آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً **استقامت** جي تعريف ۾ ان جي اهميت کي ٻڌي اسان جي دل ۾ بہ **استقامت** حاصل ڪرڻ جي تمنا پيدا ٿي هوندي، ڇوتہ **استقامت** هڪ اهڙو درجو آهي جنهن جي ذريعي مقصد ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي، جنهن ڪم ۾ **استقامت** ناهي هوندي اهو ڪم ڪڏهن بہ مڪمل ناهي ٿيندو، **استقامت** نيڪين کي حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي، جيڪو شخص پنهنجي ڪم ۾ **استقامت** اختيار ناهي ڪندو ان جي ڪوشش ضايع ٿي ويندي آهي ۽ ان جي محنت جو ان کي اهو ڦل ناهي ملندو جنهن جي ان کي تمنا ۽ خواهش هوندي آهي. جيڪو شخص استقامت کان محروم هوندو آهي اهو ڪڏهن بہ پنهنجي موجوده مقام کان اڳتي وڌي ناهي سگهندو. مشهور چوڻي آهي: اَلْاِسْتِقَامَة فَوْقَ الكرَامَة يعني **استقامت** ڪرامت کان وڌيڪ آهي.

حضرت اَبُوعلي جَوزجَاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اِستقامت اختيار ڪريو، ڪرامت جا طلب گار نہ بڻجو، ڇوتہ توهان جو نفس ڪرامت جي طلب ۾ آهي جڏهن تہ توهان جو ربّ توهان کان **استقامت** جو مطالبو ڪري ٿو. (رسالہ قشيريہ، باب الاستقامة، ص٢٤٠)

## استقامت حاصل ڪرڻ جا طريقا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيئي اسلامي ڀائر اها شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن تہ اسان عمل تہ شروع ڪندا آهيون پر ان ۾ **استقامت** حاصل ناهي ٿيندي،

مثال طور ڪو شخص نمازن جي پابندي تي **استقامت** حاصل ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سستي ٿي ويندي آهي. ڪو شخص تلاوتِ قرآن تي استقامت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پابندي نصيب ناهي ٿيندي. اچو! هنن ڪمن تي **استقامت** حاصل ڪرڻ جا طريقا ٻڌون ٿا.

## (1) سچي نيت

ڪنهن به نيڪ عمل تي **استقامت** جي لاءِ سڀ ڪان پهريان **استقامت** جي سچي نيت يعني دل ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ جو پختو ارادو هئڻ نهايت ضروري آهي جڏهن **استقامت** جي پڪي نيت هوندي ۽ ان لاءِ ڪوشش به ڪبي ته خدا پاڪ چاهيو ته اها عظيم دولت ضرور حاصل ٿيندي.

ارادے جن کے پختہ ہوں نظر جن کی خدا پر ہو　　تلاطُم خیز موجوں سے وہ گھبرایا نہیں کرتے

## (2) بارگاهِ الٰهي ۾ دعا

هرهر استقامت جي دعا گهرڻ سان به **استقامت** جي بهترين دولت نصيب ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري هرهر پنهنجي رب ڪريم جي حضور دعا ڪيو ۽ گڙگڙايو ته مالڪ ۽ موليٰ پنهنجي فضل سان نيڪ ڪمن تي **استقامت** عطا فرمائي ياد رکو! حديثِ پاڪ ۾ دعا مؤمن جو هٿيار قرار ڏنو ويو آهي تنهنڪري هن هٿيار کي استعمال ڪيو ۽ **استقامت** جي خيرات پنهنجي رب ڪريم ڪان هرهر پوري خلوص ۽ سچي نيت سان گهرو، اچو! اسان ملي ڪري اميراهلسنت جون گهريل دعائون عرض ڪريون ٿا:.

یا خدا میری مغفرت فرما　باغِ فردوس مرحمت فرما
دین اسلام پر مجھے یا رب　استقامت تو مرحمت فرما
مصطفٰے کا وسیلہ توبہ پر　تو عنایت مداومت فرما

مجھ کو ”قفلِ مدینہ“ پر یارب تو عنایت مداومت فرما
یا خدا مدنی قافلوں پر بھی تو عنایت مداومت فرما
کاش چھوڑوں نہ ”مدنی انعامات“ تو عنایت مداومت فرما
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۷۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) مياڻ روي اختيار ڪريون

ڪنهن به مقصد ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته جنهن عمل ڪي شروع ڪريو ان ۾ ابتداءً جلدي نه ڪريو بلڪ ان ۾ مياڻ روي اختيار ڪريو، پوءِ آهسته آهسته ان ۾ اضافو ڪندا وڃو، ڇوته جلدباز انسان تمام جلد ئي همت هاري ويهندو آهي، جنهن جي ڪري ان ڪم ۾ **استقامت** حاصل ناهي ٿيندي، تنهنڪري اوهان جيڪڏهن **استقامت** حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان ڪم ۾ مياڻ روي اختيار ڪريو، مثال طور ڪو اسلامي ڀاءُ روزانو تلاوتِ قرآن ڪرڻ تي **استقامت** حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته شروع ۾ هڪ يه رڪوع جي تلاوت جي عادت بڻائي پوءِ انهيءَ تي عمل ڪندو رهي، جڏهن ڏسي ته هاڻي منهنجو اهو معمول بڻجي چڪو آهي ته مزيد هڪ رڪوع جو اضافو ڪري ۽ روزانو ڪجهه نه ڪجهه وڌائيندو وڃي ته هن طرح استقامت ماڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ويندي ۽ تلاوت قرآن ڪريم جي عادت بڻجي ويندي. اهڙي طرح ٻِن ڪمن تي **استقامت** حاصل ڪري سگهجي ٿي. ياد رهي ته هي تفصيل نفلي عبادتن جي لاءِ آهي، جيستائين تعلق فرض ۽ واجب عبادت جو آهي ته اهي شرائط سان لاڳاپيل آهن ته جڏهن شرط ڏنا ويا ته اهي انهيءَ وقت کان **استقامت** سان ادا ڪيا ويندا. مثلاً نماز فرض ٿيندي ئي ان تي استقامت حاصل ڪرڻ ضروري ٿيندو، ائين ناهي ته پهريان هڪ به نمازن جي عادت بڻجي وڃي ته پوءِ آهسته آهسته وڌندو وڃي. الله پاڪ اسان کي تمام

نيڪ ڪمن تي **استقامت** عطا فرمائي.

عبادت میں لگتا نہیں دل ہمارا ہیں عصیاں میں بد مست ہم یا الٰہی
مجھے دیدے ایمان پر استقامت پئے سیدِ محتشم یا الٰہی
(وسائلِ بخشش مُرمم،ص ١٠٩۔ ١١٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) بزرگن جي سيرت تي عمل ڪريون

نيڪ عملن تي **استقامت** حاصل ڪرڻ جي طريقن مان هڪ طريقو اهو به آهي ته بزرگن جي دِين ۽ نيڪ ڪمن تي **استقامت** جي واقعن جو مطالعو ڪيو وڃي. اسان ڏسون ٿا ته صحابه ڪرام ۽ بزرگانِ دين طرح طرح جون تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻ جي باوجود به ايمان تي ثابت قدم رهيا، انهن مقدّس هستين کي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري طرح طرح جون اذيتون پهچايون ويون، ڪڏهن جسم تي ڪوڙا هنيا ويا ته ڪڏهن ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين بکايل رکيو ويندو هو، ڪڏهن ته تپندڙ واريءَ تي ليٽائي جسم تي وزني پٿر رکيا ويندا هئا ته ڪڏهن پيرن ۾ زنجيرون وڌيون وينديون هيون، ڪڏهن ڳچيءَ ۾ رسي وجهي ڇڪيو ويندو هو ته ڪڏهن پيرن کان ٽُڏا هنيا ويندا هئا، ڪڏهن سوليءَ تي چاڙهيو ويندو هو ته ڪڏهن ٿهڪندڙ تيل ۾ وڌو ويندو هو، پر پوءِ به اهي اللّٰه وارا ايمان ۽ محبّتِ رسول ۾ ثابت قدم رهيا.

ایماں پہ ربِّ رَحمت دیدے تُو استِقامت دیتا ہوں واسِطہ میں تجھ کو تِرے نبی کا
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص١٧٨)

## سفيد زخمن جا نشان

اچو! استقامتِ دين جي درد پري داستان ٻڌون ٿا: جيئن منقول آهي ته هڪ ڀيري اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي نظر حضرتِ خَبّاب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پٺي

تي پئي، پاڻ ڏنائون تہ سڄي پٺيءَ تي سفيد زخمن جا نشان آهن. تہ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پڇيو: اي خباب! اهي توهان جي پٺي تي زخمن جا نشان ڇا جا آهن؟ تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جواب ڏنائون: اي اَمِيرُالمَومِنِين اوهان کي انهن زخمن جي کهڙي خبر؟ هي ان وقت جو داستان آهي جڏهن اوهان اگهاڙي تلوار کڻي حضور رحمة للعالمين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي شهيد ڪرڻ لاءِ ڊڪندا وتندا هئا. ان وقت اسان محبّتِ رسول جو ڏيئو پنهنجي دل ۾ ٻاريو هو ۽ مسلمان ٿياسين. ان وقت غير مسلمن مون کي باھ جي ٻرندڙ ڪوئلن تي پٺيءَ ڀر ليٽائي ڇڏيو، منهنجي پٺي تان ايتري چربي ڳري جو ڪوئلا وسامي ويا ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهوش رهيس، پر ربّ ڪريم جو قسم! جڏهن مون کي هوش آيو تہ سڀ کان پهريان زبان مان ڪلمو ”لَا اِلٰه اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه“ نڪتو. اَمِيرُ المَومِنِين حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ روئڻهارڪو ٿي فرمايائون: اي خباب! قميص مٿي ڪريو! مان توهان جي ان پٺيءَ جي زيارت ڪندس. اها پٺي ڪيتري مبارڪ ۽ مقدّس آهي جيڪا محبّتِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪري باھ ۾ ساڙي وئي آهي. (الطبقات لابن سعد،رقم۴۳،خباب بن الارت، ۱۲۳/۳ماخوذا)

میں نام پر تیرے واری جاؤں میں عشق میں تیرے سر کٹاؤں
دو ایسا جذبہ دو ایسی ہمت نبی رحمت شفیع اُمّت

(وسائلِ بخشش مُرمم،ص۲۰۷)

اي عاشقانِ صحابہ! ٿورو سوچيو! صحابَہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان اسلام جي سَربُلندي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون، طرح طرح جي تڪليفن کي برداشت ڪيو، پر پوءِ بہ انهن جي صبر و **استقامت** ۾ ڪا ڪمي نہ آئي، اهو ئي سبب آهي جو صَديون گُذرڻ باوجود بہ انهن جي عظيم قُربانين ۽ ايمان تي ثابت قدمي جا چرچا اڄ بہ هر پاسي گونجي رهيا آهن. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان صرف ڳالهيون ڪرڻ، فارغ ويهڻ، فُضوليات ۾ وقت وڃائڻ ۽ حِيلا بهانا ناهڻ جي بدران عملي طور تي انهن اللّٰه وارن جي نقشِ قدم تي

هلون، ڪٿي ائين تہ ناهي جو رات دير تائين هوٽلن تي ويهي ٽائم برباد ڪرڻ تي تہ **استقامت** آهي، هفتہ وار اجتماع ۽ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ تي استقامت ناهي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو مسلمانن جي دل آزاري ڪرڻ تي تہ **استقامت** آهي، مسلمانن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ تي **استقامت** ناهي، ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ تي **استقامت** ناهي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو گانا باجا ٻڌڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ تي تہ **استقامت** آهي، ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ تي استقامت ناهي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو هر اچڻ واري فلم ڏسڻ لاءِ سينما گهرن جي طرف وڃڻ تي تہ **استقامت** آهي، مسجد جي طرف وڃڻ تي **استقامت** ناهي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو سوشل ميڊيا تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وقت ضايع ڪرڻ تي تہ **استقامت** آهي، دين جي ڪمن ۾ ڪجھ منٽ ڏيڻ تي **استقامت** ناهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! سوچو ۽ دين جي ڪمن ۾ **استقامت** حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

ياد رکو! تاريخ شاهد آهي تہ جن ماڻهن نيڪ عملن تي **استقامت** حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ الله پاڪ انهن کي اهڙو مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو جو ڪنهن کي صحابي هئڻ جو مقام ۽ مرتبو نصيب ٿيو تہ ڪنهن کي تابعين ۾ سڀ کان افضل هئڻ جو مقام مليو. ڪنهن کي تمام اوليائن جي سرداري نصيب ٿي تہ ڪنهن کي پنهنجي وقت جو مجدّد ٿيڻ جو منصب نصيب ٿيو. ڪنهن کي وقت جي امام ٿيڻ جو منصب مليو، تہ ڪنهن کي محدّث ٿيڻ جو منصب نصيب ٿيو ۽ قيامت تائين ايندڙن جي دلين ۾ انهن جي محبّت بيدار رهندي، اچو! الله وارن جي استقامت جا ڪجھ مختصر واقعا ٻڌون ٿا: جيئن

اَمِيرُالمومِنِين حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه تلاوتِ قرآن تي اهڙي استقامت حاصل ڪئي جو مڪمل قرآنِ ڪريم هڪ رڪعت ۾ پڙهندا هئا. (المستطرف،۱/۳۴)

**امامِ اعظم** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهٽ ڳالهائڻ تي اهڙي استقامت حاصل ڪئي جو

ڪڏهن دشمن جي بہ غيبت نہ ڪئي. (تاريخ بغداد،الرقم٧٢٩٧،النعمان بن ثابت ابوحنيفة ، ٣٦١/١٣)

**غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪ عملن تي اهڙي استقامت حاصل ڪئي جو 40 سال تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا فرمائي. جڏهن بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بي وضو ٿيندا هئا تہ انهيءَ وقت وضو ڪري (2) رڪعت نماز نفل پڙهي وٺندا هئا. (بهجة الاسرار،ذكرطريقه،ص١٦٤)

حضرت اسوَد بن يزيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هرروز هڪ هزار(1000) رڪعتون نفل پڙهندا هئا. بيهڻ کان عاجز ٿي ويندا ها تہ ويهي پڙهندا ها.

حضرت ڪهمس بن الحسن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ هزار(1000) رڪعتون نفل پڙهندا ها ۽ پوءِ عاجزي ڪندي پنهنجي نفس کي مخاطب ڪندي فرمائيندا ها: اي برائين جي پاڙ اٿ! جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ضعيف ٿي ويا تہ پنج سؤ(500) رڪعتن کان وڌيڪ نہ پڙهي سگهندا ها تہ روئندا ۽ فرمائيندا ها: تہ افسوس منهنجو عمل اڌورو ٿي ويو.

حضرت سيدنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شبِ بيداري ۽ گريہ و زاري ڪندا هئا، روزانو 300 رڪعتون پڙهندا ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 5 حج ڪيا جنهن ۾ 3 حج پيدل بہ ڪيائين.

حضرت اسوَد بن يزيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمي مشغوليتن جي باوجود روزانو700 رڪعتون پڙهندا هئا ۽ لڳاتار روزا رکندا هئا. ايسيتائين جو روزي ۽ عبادت جي ڪثرت ۽ شب بيداري جي مشقتن جي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بدن جو رنگ ڦڪو ۽ وري سائو ٿي ويو.

حضرت ابو قلابہ، حضرت عبدالملڪ رقّاشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهما روزانو چار سؤ(400) نفل ادا ڪندا هئا.

حضرت بلال بن سعد بن تميم اشعري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ هزار(1000)

نفل پڙهندا هئا.

حضرت ثابت بن اسلم بناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پنجاهه(50) سالن تائين ڪڏهن تهجد جي نماز قضا ڪانہ ٿئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات نفل پڙهندا ها ۽ صبح روئي روئي اها دعا فرمائيندا ها تہ اي الله پاڪ جيڪڏهن تون پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي قبر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت ڏئين تہ مونکي ضرور اجازت ڏجانءِ تہ مان پنهنجي قبر ۾ نماز پڙهندو رهان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات نفل پڙهڻ کان علاوه روزانو سڄو قرآن پاڪ ختم ڪندا ها ۽ هميشه روزيدار رهندا ها.

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صَداءِ مدينہ"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي هئا الله وارن جي نيڪ ڪمن تي **استقامت** جا معمولات. اي ڪاش جو اسان کي بہ انهن جي صدقي **استقامت** ملي وڃي. الله وارن جي سيرت تي هلڻ، گُناهن کان بچڻ، نيڪين تي **اِستقامت** جي دولت ماڻڻ جي لاءِ عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهي ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صداءِ مدينہ" لڳائڻ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ کي "صَداءِ مدينہ" لڳائڻ چيو ويندو آهي. هن مدني ڪم جو رِسالو "صداءِ مدينہ" جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. ان ۾ ڏنل طريقيڪار مطابق هن مدني ڪم کي فروغ ڏيو.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه **"صَداءِ مدينہ"** جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُوليٰ سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۽ تشهير ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ

وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، اللّٰه پاڪ چاهيو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿينديون. ❖ "صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سني ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ مسلمانن کي نمازِ فجر لاءِ جاڳائڻ آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر لاءِ جاڳائڻ سنت حيدري ۽ سنت فاروقي آهي! جيئن

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه نمازِ فجر لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف فرما ٿيندا هئا. (طبقات ڪبريٰ، ذڪر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣ مفهوماً)

اچو! ترغيب لاءِ صداءِ مدينہ لڳائڻ بابت هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## صَداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان فَيضانِ مدينہ لاءِ زمين ملي

هڪ اسلامي ڀاءُ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دَعوَتِ اِسلامي جي مَدَني قافِلي سان گڏ هڪ شهر ۾ ويا، اَذانِ فَجر بعد اهي صداءِ مدينہ لڳائيندا وڃي رهيا هئا تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن نوجوان بہ انهن سان گڏ هليو ۽ ان فَجر جي نَماز مَسجِد ۾ باجَمَاعَت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافِلي وارن عاشِقانِ رسول سان ملڻ آيو. جيڪو هڪ مالدار شخص هو. اُن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان ان جو نافرمان ماڊرن (Modern) بي نَمازي پٽ پَنج وَقت نَماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان ماڊرن نوجوان جي والِد ان شهر ۾ مَدَني مَرڪز فَيضانِ مدينہ لاءِ زمين بہ ڏني.

لگا فَجْر میں بھائی گھر گھر پہ جاکر ذرا دل لگا کر "صدائے مدینہ"

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص٣٦٩)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان **استقامت** جي حوالي سان بيان ٻڌي رهيا هئاسين، جهڙي طرح اسان جا بزرگ سڳورا راهِ خدا ۾ پيش ايندڙ مصيبتن ۽ تڪليفن جي باوجود صبر ۽ استقامت جا پيڪر بڻيل رهيا، اهڙي طرح

صحابيات ۽ خواتينِ اسلام بہ هن راهہ ۾ ڪيئي اذيتن کي برداشت ڪيو، پنهنجو گهر لُٽائي ڇڏيو، رت جي رشتن کي خوشي خوشي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو، پنهنجي اباڻي سرزمين کي ڇڏي پري وڃي ڪٽي رهڻو پيو تہ رهيا پر تڏهن بہ انهن جا حوصلا ڪڏهن پَست نہ ٿيا، انهن کي تتل واريءَ تي ليٽايو ويو، ٺهڪندڙ ڪوئلن تي وڇايو ويو، لوهي لِباس پارائي سج جي گرمي ذريعي تڙپايو ويو، انهن جي ٻارن ۽ گهروارن کي نظرن جي سامهون سولي تي لٽڪايو ويو، پر پوءِ بہ انهن جي استقامت ۾ ڪو فرق نہ آيو، اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## حضرتِ سُمَيّہ جي استقامت

مڪتبةُ المدينہ جي رسالي ” *صحابیات اوردِین کی خاطرقربانیاں*“ جي صفحي 2 تي آهي: رسولِ اَڪرم، شاہِ بني آدم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن حضرتِ سُمَيہ رَضِيَ اللّٰه عَنْها کي پنهنجي پٽ حضرتِ عمّار رَضِيَ اللّٰه عَنْه ۽ مڙس حضرتِ ياسِر رَضِيَ اللّٰه عَنْه سميت مڪي پاڪ جي تتل واريءَ تي ايذاء ڏيندي ڏسندا ها تہ فرمائيندا هئا: صَبْرًا يا آلَ ياسِرٍ يعني اي آلِ ياسِر! صَبر ڪريو! مَوْعِدُكم الْجَنَّة توهان جي لاءِ جنّت جو واعدو آهي. مڪي وارن خاص ڪري اسلام جي دشمن ابوجهل ڪهڙو سِتَم هو جيڪو انهن تي نہ ڪيو، ان کي بس هن ڳالھ کان سمجهي ونو جو پاڻ رَضِيَ اللّٰه عَنْها کي لوهي جي زِره پارائي سَخت اُس ۾ ويهاريو ويندو هو. (الاصابه،رقم۱۱۳۴۲، سميه بنت خباط،۸ / ۲۰۹۔ اسد الغابه،رقم۷۰۱۴،سميه ام عمار،۱۶۷/۷، ماخوذا)

اِستقامت دِین پر مجھ کو عطا فرمایئے
یَارَسولَ اللہ برائے آلِ یاسِر یانبی!

(وسائلِ بخشش مُرَمَّم،ص۳۷۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تورو تَصَوُّر ڪريو! عَرب ۾ سج جي تمام گهڻي تِپش ۽ وري لوھ جي لِباس ۾ حضرتِ سُمَيہ رَضِيَ اللّٰه عَنْها جو ڪهڙو حال هوندو، پر قُربان وڃجي! اسلام جي هن پهرين شهيده جي عَظَمَت ۽ اِستِقَامَت تي! سندن

جي دل ۾ الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت ان طرح گهر ڪري چڪي هئي جو ايتري سَخت تڪليفن جي باوُجود پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اسلام جو دامَن نہ ڇڏيو، بلڪ جمي انهن مُشڪل حالتن جو مُقابَلو ڪيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ان صَبر ۽ اِستِقامَت ۾ اسان لاءِ درس آهي.

پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ اسان ننڍين ننڍين تڪليفن ۽ پريشانين جي ڪري دلبرداشتہ ٿي نيڪ عملن ۾ ثابت قدم نہ رهندا آهيون، ڪڏهن فرض ۽ واجبات ۾ سستي ڪندا آهيون تہ ڪڏهن ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جهڙي عظيم نيڪي کي ڇڏي ڏيندا آهيون، ڪڏهن رشتيدارن ۽ دوستن جي ڳالهين جي ڪري تلاوتِ قرآن جي عادت ڇڏي ڏيندا آهيون تہ ڪڏهن گهر وارن جي ڳالهين سان دل ننڍو ڪري سنتن کان پري ٿي ويندا آهيون، مطلب تہ في زمانہ! دوستن، گهروارن ۽ بين رشتيدارن جي ڳالهين جي ڪري اسان جي همت ٽٽي ويندي آهي، اسان نيڪ عملن ۽ سنتن کي ڇڏيندي نظر ايندا آهيون. اي ڪاش جو اسان کي نيڪ عملن تي استقامت حاصل ٿي وڃي. اچو! گڏجي دعا ڪريون تہ:

عبادت میں گزرے مِری زندگانی کرم ہو کرم یا خُدا یا الٰہی!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت سُمَيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ايمان تي استقامت جو واقعو ٻڌو جنهن سان اسان جو بہ نيڪ عملن تي استقامت، راهہ خدا ۾ ايندڙ آزمائشن، مصيبتن ۽ تڪليفن جي باجود صبرو استقامت تي قائم رهڻ ۽ ايمان تي ثابت قدم رهڻ جو ذهن بڻيو هوندو پر اسان ڪجهہ ڏينهن نيڪ عمل ڪري وري پري ٿي ويندا آهيون، اسان کي انهن عملن تي استقامت حاصل ناهي ٿيندي، آخر اهي ڪهڙيون شيون آهن جيڪي هن راهہ ۾ رڪاوٽون آهن،

اچو! انهن شين جي باري ۾ پڙهون ٿا.

## استقامت جي راهه ۾ رڪاوٽون

ياد رکو! ائين نہ ايمان ۽ عمل تي ثابت قدمي(استقامت) سان رڪاوٽ بڻجڻ واريون ڪيئي شيون آهن. مثال طور (1) علمِ دين جو نہ هئڻ. (2) مسجد ۾ حاضر ٿيڻ کان ڪترائڻ. (3) زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ. (4) گناهن جي ذريعي پنهنجي جان تي ظلم ڪرڻ. (5) بد مذهبن ۽ فاسق و فاجر ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ. (6) نفساني خواهشن جي لذت حاصل ڪرڻ جي حرص ٿيڻ. (7) مصيبتن ۽ تڪليفن ۽ آزمائشن تي صبر نہ ڪرڻ. (8) الله پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿيڻ. (9) ڊگهيون اميدون رکڻ. (10) ۽ استقامت جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ دنياوي محبّت آهي. (تفسير صراط الجنان ،پ۱۲،هود،تحت الآية:۱۱۲،۴/۵۰۶ بتغير)

چوتہ دنيا جي محبت ۾ گرفتار ٿي انسان آخرت کي وساري ڇڏيندو آهي، دنيا جي محبت ۾ انسان گناهن جي دلدل ۾ ڪرندو ويندو آهي، دنيا جي محبت ۾ مبتلا ٿي انسان حلال ۽ حرام ۾ تميز ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، دنيا جي مَحَبَّت ۽ ان جي فريب ۾ اچي انسان پنهنجي ربّ ڪريم جي نافرماني ڪندو آهي، دنيا جي محبت تمام گناهن جو بنياد آهي، جيڪو شخص دنيا جي محبّت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي اهو پنهنجي آخرت کي وساري ڇڏيندو آهي، اچو! پنهنجي دل ۾ دنيا کان بي رغبتي وڌائڻ، نيڪ عملن تي استقامت جو جذبو وڌائڻ ۽ پنهنجي دل ۾ فڪرِ آخرت جو جذبو اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ بہ(2) فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ نصيحت ۽ عبرت حاصل ڪريو، جيئن

## دنيا کان بي رغبتي جون فضيلتون

ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص هميشہ دنيا جي فڪر ۾ مبتلا رهندو (۽ دِين جي پروا نہ ڪندو) تہ الله پاڪ ان جا سمورا ڪم پريشان ڪندو ۽ ان جي مُفلسي هميشہ ان جي اکِيان رهندي ۽ ان کي دُنيا ايتري ئي ملندي جيتري ان جي تقدير ۾ لکيل آهي ۽ جنهن جي نِيت آخرت ڏانهن هوندي تہ الله ڪريم

ان جي دل جمعي لاءِ ان جا سمورا ڪم دُرُست ڪندو ۽ ان جي دل ۾ دنيا جي بي پروائي وجهندو ۽ دنيا ان وٽ خودبخود ايندي. (ابن ماجه، كتاب الزهد، باب الهم بالدنيا، ۴/۴۲۴، الحديث: ۴۱۰۵)

ارشاد فرمايائون: جنهن پنهنجي دنيا کان مَحَبَّت ڪئي، ان پنهنجي آخرت کي نُقصان پهچايو ۽ جنهن پنهنجي آخرت سان مَحَبَّت ڪئي ان پنهنجي دُنيا کي نُقصان پهچايو، پوءِ توهان فَنا ٿيڻ واري (دنيا) تي باقي رهڻ واري (آخرت) کي ترجيح ڏيو. (مسند امام احمد، مسند الكوفيين، حديث ابي موسي الاشعري، ۷/۱۶۵، الحديث: ۱۹۷۱۷)

بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي حوالي سان حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن فرمان مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ دُنيا ۽ آخرت ٻنهي جي مَحَبَّت هڪ دل ۾ گڏ نٿي ٿي سگهي، دنيا آخرت جو ضِد آهي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: علم عقل ۽ ايمان جو سڀ کان گهٽ درجو اهو آهي تہ انسان سمجهي وٺي تہ دنيا فاني آهي ۽ آخرت باقي رهڻ واري، ان جو نتيجو هي آهي تہ دُنيا ۾ رهي آخرت جي تياري ڪري، دنيا ۾ مشغول نہ ٿي وڃي. (مرآة المناجيح،۷/۱۸)

دل مرا دُنیا پہ شَیدا ہوگیا | اے مِرے اللہ یہ کیا ہوگیا
کچھ مِرے بچنے کی صُورت کیجئے | اب تو جو ہونا تھا مولیٰ ہوگیا

(ذوق نعت،ص۳۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ماحول کان وابستہ ٿي وڃو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دُنيا جي محبت کان پيڇو ڇڏائڻ، فڪرِ آخرت جو ذهن بنائڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ سٺي ماحول جو هئڻ نهايت ضروري آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ٻين ڪيئي گناهن سميت دنيا جي محبت دل مان ڪيڻ ۽ نيڪين تي ثابت قدم رهڻ جو ذهن ڏيندو آهي،

اوهان بہ هن مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي عادت بڻايو، راهِ خُدا ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر جي عادت بڻايو ۽ غورو فڪر ڪرڻ جي طريقن تي عمل ڪري پنهنجي دنيا و آخرت کي سنواريو.

## مجلسِ ”ازدِيادِ حبّ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الحمدالله! دعوتِ اسلامي جي مدني تحريڪ مسلمانن کي برائين کان بچائڻ، نيڪ بڻائڻ، وچڙيلن کي پاڻ ۾ ملائڻ، رٺلن کي پرچائڻ ۽ انهن کي مُتَّحِد رکڻ جي لاءِ هر وَقت ڪوشش ڪري رهي آهي. جنهن جي هڪ واضِح جهلڪ دعوتِ اسلامي جي تحت قائم ”مجلس اِزدِيادِ حُبّ“ بہ آهي. ”مَدَني انعام نمبر55“ کي باقاعده تنظيمي طور تي عَمَلي جامو پارائيندي آهي پراڻا اسلامي ڀائر جيڪي اڳ ۾ ايندا هئا پر هاڻي نٿا اچن انهن کي مَدَني ماحول ۾ فُعال ڪري ”مسجد ڀريو تحريڪ“ ۾ شامل ڪرڻ، انهن کان ڦهريان ئي وَقت وٺي اِنفِرادي طور تي دُڪان، گهر يا دفتر وغيره ملاقات ڪرڻ، انهن کي سُنّتن ڀري اِجتماعن ۽ مَدَني مذاڪرن ۾ اچڻ جو ذهن ڏيڻ، اِجتماعي اِعتڪاف ۽ مَدَني ڪورسن (اِصلاحِ اَعمال ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس وغيره) ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ، مَدَني قافِلن ۾ سفر ڪرائڻ، انهن جي گهرن ۾ مَدَني حلقي جي ترڪيب ڪرڻ، انهن کي مدرسةُ المدينہ براءِ بالغان ۾ شرڪت ڪرائڻ، انهن جي خوشي، غمي، بيماري ۽ فوتگي وغيره جي معامَلن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مشڪلات ۾ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطّاريہ جي ترڪيب ڪرڻ وغيره هن مجلس جي مقصدن ۾ شامل آهي. الله ڪريم ”مجلس اِزدِيادِ حُبّ“ کي مزيد ترقيون عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

اُن کی سُنَّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۴۷۲)

## قناعت بابت ڪجھ مدني گل ۽ قناعت اپنائڻ جا طريقا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! قناعت جي باري ۾ ڪجھ نڪتا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: قناعت ڪڏهن نہ ختم ٿيڻ وارو خزانو آهي. (الزهد للبيهقي،الجزء الاول من كتاب...الخ،ص۸۸،حديث:۱۰۴) (2) ارشاد فرمايائون: بيشڪ ڪامياب ٿي ويو اهو شخص جيڪو اِسلام ڪٽِي آيو ۽ ان کي بَقدرِ ڪفايت رِزق ڏنو ويو ۽ الله پاڪ ان کي جيڪو ڪجھ ڏنو ان تي قناعت بہ عطا فرمائي. (مسلم، كتاب الزكاة، باب في الكفاف والقناعة، ص۴۰۶، حديث:۲۴۲۶) ❖ انسان کي جيڪو ڪجھ الله پاڪ جي طرفان ملي وڃي ان تي راضي ٿي زندگي گذاريندي حرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي قناعت چوندا آهن. (جنتي زيور،ص۱۳۶بتغير قليل) ❖ روزمرّه اِستعمال ٿيڻ وارين شين جي نہ هئڻ تي بہ راضي رهڻ قناعت آهي. (التعريفات للجرجاني،باب القاف،تحت اللفظ: القناعة،ص۱۲۶) ❖ لالچ نهايت ئي بُري خَصْلَت ۽ نِهايت خراب عادت آهي، الله پاڪ جي طرفان ٻانهي کي جيڪو رِزق ۽ نعمت ۽ مال ۽ دَولت يا جاه (يعني عزّت) ۽ مَرتَبو مليو آهي، ان تي راضي ٿي قناعت ڪرڻ گهرجي. (جنتي زيور،۱۱۰ملخصا) ❖ بلعم بن باعوراء جيڪو

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

تمام وڏو عالم ۽ مستجاب الدعوات هو، حرص ۽ لالچ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص٣٦٧ ماخوذا) ❖ الله پاڪ فرمائي ٿو: اهو شخص منهنجي ويجهو سڀ کان وڌيڪ مالدار آهي جيڪو منهنجي ڏنل شيءِ تي سڀ کان وڌيڪ قناعت ڪرڻ وارو آهي. (ابنِ عساکر ،رقم ٧٧٤٠، موسيٰ بن عمران ،٦١/ ١٣٩ ملخصا)

❖ قناعت اپنائڻ لاءِ احاديثِ ۽ بزرگانِ دين جي اقوالن جو مطالعو ڪيو. ❖ الله پاڪ تي مضبوط يقين رکو ۽ هن ڳالهه کي دل ۾ سمائي ڇڏيو ته منهنجو سمورو حال الله پاڪ ڄاڻي ٿو. ❖ آخرت جي حساب کان پاڻ کي ڊيڄاريو ۽ پنهنجي تنگ حالت کي آخرت لاءِ بهتر بنائڻ جي ارادي سان صبر اختيار ڪيو. ❖ اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيو جيڪي قناعت پسند هجن ۽ هرحال ۾ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ وارا هجن. ❖ مال ۽ دولت جي حرص ختم ڪيو، هن لاءِ دنيا جي فنا ٿيڻ ۽ آخرت ۾ هميشه باقي رهڻ وارين نعمتن جي ملڻ کي ذهن ۾ رکو. ❖ الله پاڪ سان دعا به ڪيو ته هرحال ۾ خوش رهڻ ۽ صبر ۽ شڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه آئنده هفتي جي بَيان جو موضوع هوندو: ”**صفائي جي اهميت**“ هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين قرآن ۽ احاديث ۾ صفائي جي جيڪا اهميت بيان ٿي آهي، صفائي جي حوالي سان اسلام اسان کي ڪهڙي تعليم

ارشاد فرمائي ته ۽ گندگي جا ڪهڙا نقصان آهن ۽ دل جي صفائي جي ڪيتري قدر ضرورت آهي ان سان گڏوگڏ بزرگان دين جا واقعا ۽ ڪيئي اهم نڪتا به پيش ڪيا ويندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات به اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي وڏي آواز سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،10/254،حديث:17305

www.dawateislami.net